# نثر جو پيڱو


| نمبر شمار | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| 1 | حجة الوداع وارو خطبو | 1 |
| 2 | حضرت سلمان فارسي رضي الله عنهُ | 2 |
| 3 | حضرت امام جعفر صادق عليه السلام | 2 |
| 4 | قائداعظم جا ارشاد | 3 |
| 5 | اتحاد، تنظيم ۽ يقين محڪم | 4 |
| 6 | مولانا دين محمد وفائي | 4-5 |
| 7 | مائي نحيري | 5-6 |
| 8 | هنر دولت آهي | 6-7 |
| 9 | خط | 7 |
| 10 | بين الاقوامي عدالت | 7-8 |
| 11 | اجرڪ | 8-9 |
| 12 | ميرن جي دربار | 9 |
| 13 | ڪينجهر ڍنڍ | 10 |
| 14 | سنڌي ادب جي مختصر تاريخ | 10-11 |
| 15 | رڌ پچاءُ | 11 |
| 16 | ٻه ته ٻارهن | 12 |
| 17 | نصرپور | 12-13 |
| 18 | جهڙو راڄ تهڙو پيڱهه | 13-14 |

## نظم

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | آهيون الف آسري...... | 5 | ڏيئو |
| 2 | نيڪي | 6 | ٻاليون سڀ جو سنسار |
| 3 | دُعا | 7 | پيارا وطن |
| 4 | سچل سرمست جا بيت | 8 | هاري |

س ٤: بادشاهه ٽيون پيرو خواب ۾ ڇا ڏٺو؟

ج: بادشاهه ٽيون پيرو خواب ۾ ڏٺو ته سندس محلات ۾ مڪ ڏيکي آهي.

---

س ٥: نانگ ڪهڙي شرط تي ڪڙمي کي خوابن جو تعبير ٻڌايو؟

ج: نانگ بادشاهه وٽان ملندڙ انعام جو اڌ ڏيڻ جي شرط تي ڪڙمي کي خواب جو تعبير ٻڌائي.

---

س ٦: هن آکاڻي مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

ج: هن آکاڻي مان اها نصيحت ملي ٿي ته ڪنهن سان به فريب، دغا ۽ وعده خلافي نه ڪرڻ گهرجي.

---

| | لفظ | معني | جملا |
|---|---|---|---|
| ١. | گيچ | گيت | شاهه لطيف جو گيچ گهڻو وڻندو آهي. |
| ٢. | قول | بات | هميشه وڏن جي قول کي پورو ڪرڻ گهرجي. |
| ٣. | آزمودو | آزمانا | ڪڏهن به دوست جو آزمودو نه وٺڻ گهرجي. |
| ٤. | پرجا | عوام | ملڪ جي حالتن ڪارڻ پرجا ڏاڍي پريشان آهي. |
| ٥. | نيٺ | آخرڪار | علي محنت ڪري نيٺ پاس ٿي ويو. |
| ٦. | جابلو | پهاڙي | پاڪستان جو جابلو علائقو گهڻو سهڻو آهي. |
| ٧. | ڪڙمي | ڪسان | ملڪ جا ڪڙمي ڏينهن رات پنهنجي محنت ڪندا آهن. |
| ٨. | بيلي | دوست | احمد ۽ اسلم پاڻ ۾ جگري بيلي هئا. |

---

## نظم جو ڀاڱو

Date: ____________

## نظم:-

# پيارو وطن

## * مشق

س1: شاعر جان جو جياپو ڪنهن کي ٿو سڏي؟

ج: شاعر جان جو جياپو پنهنجي پياري وطن کي ٿو سڏي.

س2: شاعر ڪنهن جي مٿان سر ساهه گھورڻ ٿو گھري؟

ج: شاعر پنهنجي پياري وطن جي مٿان سر ساهه گھورڻ ٿو گھري.

س3: شاعر وطن لاءِ ڪهڙي دعا ٿو گھري؟

ج: شاعر وطن لاءِ دعا ٿو گھري ته منهنجو وطن سدائين سرسبز ۽ شاداب رهي، ان جا هر شهر ۽ ڳوٺ سڀ وسندا رهن ۽ ان کي ڪڏهن به ڪوسو واءُ نه لڳي.

## * لفظ / معني / جملا

| | لفظ | معني | جملا |
|---|---|---|---|
| 1. | هاڪارا | مشهور | اسان جي ملڪ ۾ ڪيترائي هاڪارا شهر آهن. |
| 2. | جياپو | زندگي | منهنجو وطن منهنجي جان جو جياپو آهي. |
| 3. | سرس | زياده | پاڪستان سڀ کان سرس سونهارو آهي. |
| 4. | سونهارا | خوبصورت | باغن ۾ گلاب جا گل سونهارا لڳندا آهن. |
| 5. | گھوري | قربان | سليم ارشد تي پنهنجي جان گھوري ڇڏي. |
| 6. | مٽ | برابري | قابليت ۾ منهنجو استاد جو مٽ ڪونه آهي. |
| 7. | هڳاءُ | خوشبو | گلاب جي هڳاءُ سڀ کان سٺي ۽ وڻندڙ آهي. |

www.pakcity.org

Please visit for more data at: www.pakcity.org

## نظم ۸:

# هاري

## * مشق

سُ۱ شاعر ملڪ مٿي جلجي جيارا ڪنهن کي ٿو سڏي؟
ج: شاعر ملڪ مٿي جلجي جيارا هاري کي ٿو سڏي.

سُ۲ هاري جي محنت ڪهڙو رنگ ٿي لڳائي؟
ج: هاري جي محنت اهو رنگ ٿي لڳائي ته هو ڏينهن رات محنت ڪري اَن اُپائي ٿو ۽ هن سان هر طرف هريالي ۽ خوشحالي اچي ٿي.

سُ۳ سُلي سُلي جي سنبار سان ڇا ٿو ٿئي؟
ج: سُلي سُلي جي سنبار سان اَن جي گهڻي مقدار حاصل ٿئي ٿي ۽ ملڪ مان بک بيماري نڪرندي ملڪ خوشحال ٿيندو.

سُ۴ شاعر هاري لاءِ ڪهڙي دعا ٿو گهري؟
ج: شاعر هاري لاءِ اها دعا ٿو گهري اي خدا! تون هاري کي هميشه خوش رک جو ته هاري جي محنت ملڪ جو مان آهي.

| جملا | معني | لفظ |
|---|---|---|
| اسان جي ملڪ جا هاري سگهارا آهن. | تندرست | ۱. سگهارا |
| هميشه مهل جي پابندي ڪريو. | وقت | ۲. مهل |
| مون صبح ساجهر قرآن جي تلاوت ڪندا آهيون. | سويرے | ۳. ساجهر |
| الله هميشه سُک جو سنگ عطا ڪري. | ساٿ | ۴. سنگ |
| هڪ ڪني سان گهڻو اَن پيدا ٿيندو آهي. | داڻو | ۵. ڪني |
| آءُ وٽ ڪتابن جو ڪيچ آهي. | ذخيرو | ۶. ڪيچ |
| هاري جو ڀڳڙ زمانو ڳائي ٿو. | خاصيت | ۷. ڀڳڙ |

Please visit for more data at: www.pakcity.org

# مذهبي مضمون

## سبق: ١

## حَجَّةُ الوداع وارو خطبو

هجري ڏهين سال جي ذوالحج مهيني ۾ حضرت محمد ﷺ اٽڪل هڪ لک چاليهه هزار مسلمانن جي جماعت سان آخري حج ادا ڪيو. حضور ﷺ عرفات جي ميدان ۾ ڏاچي تي چڙهي خطبو ڏنائون. اهو خطبو يارن، مسڪينن، زالن ۽ ٻانهن جي حقن جو ڪليل پڌرنامو هو.

پاڻ سڳورن ﷺ هن خطبي ۾ فرمايو ته: "مان اڄوڪي ڏينهن جهالت جي سموري رسمن کي پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙيان ٿو. مومن عزت وارو ۽ فاجر ذليل آهي. سڀ انسان آدم جي اولاد آهن ۽ آدم کي مٽي مان پيدا ڪيو آهي ۽ سڀ مسلمان هڪ برادري آهن. حضور ﷺ فرمايو: يتيمن، بيواهن، ٻانهن جو خيال رکو، الله جي رسي کي مضبوطي سان جهليو ۽ قرآن مجيد کي پنهنجي ساهه سان سانڍي رکڻ جي تلقين ڪيائون. ڏوهاري پنهنجي ڏوهه جو پاڻ ذميوار آهي. ڪڏهن گمراهه نه ٿيو. پنهنجي خالق جي عبادت ڪندا رهيو. اوهان کي الله جي آڏو حاضر ٿيڻو آهي. هو اوهان جي عملن بابت پڇا ڳاڇا ڪندو.

خطبي جي آخر ۾ پاڻ ﷺ فرمايو ته: مان اوهان تائين خدا جو پيغام رسايو آهي. هاڻي هتي موجود شخص منهنجو هي پيغام غير موجود ماڻهن تائين رسائين.



Please visit for more data at: www.pakcity.org

## سبق ۳،

# حضرت امام جعفر صادق (عليہ السلام)

حضرت امام جعفر صادقؑ سن "٨٠" هجري ۾ مديني منوره ۾ ڄاوا هئا. سندس والد جو نالو امام محمد باقرؒ هو. سندس نسبي سلسلو ڇهين پيڙهي ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهه سان ملي ٿو. پاڻ پنهنجي ابتدائي تعليم پنهنجي ڏاڏي کان ورتائون ۽ ڏاڏي جي وفات کان پوءِ پاڻ پنهنجي والد جي درس ۾ شريڪ ٿيا.

حضرت امام جعفر صادقؑ پنهنجي وقت جا وڏا عالم ۽ فقيهه هئا. پاڻ ديني مسئلن جي تحقيق ۽ ڇنڊ ڇاڻ ڪري انهن تي قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ فتوائون به ڏنائون.

پاڻ جي ڏنل تعليم مان ڪجهه اهم ڳالهيون هي آهن ته: نماز دين جو مضبوط ٿنڀو آهي. جيڪو به شخص بيوقوفن جي صحبت اختيار ڪري ٿو، هو هو ذليل آهي، هميشه سچ ڳالهايو ڇو ته انهي مان اوهان جو فائدو آهي.

حضرت امام جعفر صادقؑ وڏا سخي هئا. جيڪو مستحق ۽ غريب ڪجهه وٺڻ ايندا هئا ته پاڻ انهن جي مدد اهڙي نموني ڪندا هئا ته ٻين ماڻهن کي خبر ئي ڪانه پوندي هئي. اسلام جي هن عظيم هستي سن ١٤٨ هجري جي شوال مهيني ۾ وفات ڪئي.

www.pakcity.org
pakcity.org
Please visit for more data at: www.pakcity.org

سبق ۴:

# قائداعظم جا ارشاد

پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناحؒ مختلف وقتن تي شاگردن، سرڪاري ملازمن ۽ پاڪستان جي عوام کي مخاطب ڪري هدايتون ڏيون آهن.

شاگردن کي نصيحت ڪندي چيو ته اوهان سڀ پنهنجي ملڪ جي مستقبل جا معمار آهيو. اوهين هر وقت تعليمي عمل ۾ پاڻ کي مصروف رکو ۽ پاڻ ۾ نظم وضبط پيدا ڪريو. پنهنجي قوم جي سچي خدمت ڪندا رهو ۽ هميشه اڳتي وڌندا هلو.

پوءِ پاڻ سرڪاري ملازمن کي هدايت ڪندي چيو ته اوهان هميشه غريب ماڻهن جي ڀلائي ۽ بهبود لاءِ ڏينهن رات محنت ڪريو ۽ ملڪ جي هڪ خادم جي حيثيت سان پنهنجي فرض کي پورا ڪندا رهيو ۽ اوهان کي يقين ڏيارڻ ته دنيا ۾ اوهان جي ضمير کان وڌيڪ شي نه آهي.

پاڪستان جي عوام کي مخاطب ڪندي چيو ته اوهان وٽ لامحدود ذريعا آهن. انهن ذريعن سان پنهنجا ملڪ ٺاهيو. ايمانداري ۽ خلوص سان پنهنجي ملڪ پاڪستان جي خوشحالي لاءِ هڪ ٻئي سان تعاون ڪندا رهيو.

www.pakcity.org
pakcity.org
Please visit for more data at: www.pakcity.org

# سبق ۵:

## اتحاد، تنظيم ۽ يقين محڪم

قوم جي ترقي جو دارومدار ملڪ جي اتحاد تي آهي. اتحاد اهو روح آهي جو قومن کي حياتي ڏيئي ٿو. تاريخ شاهد آهي ته دنيا ۾ صرف اهو قومون زنده رهي سگهيون جنهن ۾ اتحاد جي قوت آهي. دنيا جي هي سڀ عظيم ايجادون، دريا ۽ هوا وغيره تي انسان جي حڪمراني، سج جي توانائي مان گهڻا فائدا حاصل ڪرڻ اتحاد جي ڪارڻ ئي آهي.

قرآن شريف ۾ ارشاد آهي "الله جي رسي کي مضبوطي سان جهليو ۽ ڌڙن ۾ ٽولا ٽولا نه ٿيو" قومن جي ترقي لاءِ اتحاد کان پوءِ تنظيم جي ضرورت هوندي آهي. دنيا جي عظيم الشان عمارتون، عيش ۽ آرام ۽ سائنسي ايجادون هي سڀ انسان پنهنجي عمل ۽ يقين محڪم سان موجود ۾ آنديون آهن.

دنيا جي نامور سپهه سالار جنهن پنهنجي قومن کي عزت ۽ عظمت جو مقام ڏيکاريو هي سڀ مستقل ارادي ۽ يقين محڪم سان هو. انهن سپهه سالارن ارادي جي قوت ۽ محڪم يقين سان پنهنجي قومن کي آزادي جي سعادت سان همڪنار ڪيو.

Please visit for more data at: www.pakcity.org

## سبق: ٦

# مولانا دين محمد وفائي [رحمة الله عليه]

مولانا دين محمد وفائي سنڌ جي اعليٰ شخصيتن مان هڪ هو. مولانا وفائي بهترين اديب ۽ عالم به هو.

مولانا صاحب ٢٧ رمضان المبارڪ سن ١٣١١ هجري مطابق ٤ اپريل ١٨٩٤ع ۾ ڄائو هو. سندس والد جو نالو خليفو حڪيم گل محمد هو. پاڻ زات جو پيٽي هو. مولانا وفائي ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪئي. والد جي وفات کانپوءِ پنهنجي عزيز ميان محمد عالم وٽ تعليم ورتي.

فارسي ۽ عربي جي تعليم مڪمل ڪري ڪراچي ۾ اچي استاد ٿيو. پوءِ مهاپاري لڙائي کانپوءِ پاڻ سنڌ جو ناظم مقرر ٿيو. مارچ ١٩٢٠ع ۾ الوحيد اخبار جاري ڪيائين ۽ ٿيهارو ڪتاب پڻ لکيا ۽ ١٩٣٠ع ۾ توحيد رسالو ڪي جاري ڪيائين هن سڀ ڪي هڪ خاص درجو حاصل آهي ۽ سندس قومي خدمت ۽ علمي خواهه ديني حيثيت جو بهترين مثال آهي.

اسلام جي هن نيڪ مرد مجاهد ماه جمادي الاخر سن ١٣٦٩ هجري مطابق سن ١٩٥٠ع ۾ رحلت فرمائي ۽ پنهنجي حقيقي محبوب سان مليو.

Please visit for more data at: www.pakcity.org

سبق ۷۱

# مائي خيري

مائي خيري جو اصل نالو بيبي خيرالنساء هو. هن پنهنجي حياتيءَ ۾ اهڙا خير جا ڪم ڪيا جو ڪيس سڏ پنجائي ”مائي خيري“ هئا. ڪيس علم سان نهايت گهڻو چاهه هو. مائي خيري نهايت رحمدل ۽ نيڪ هئي. سال به سال ڏاڍي خبرداري سان زڪوات ڪڍيندي هئي.

مائي خيري جي خير جا دروازه مسڪينن لاءِ هر وقت ٿي کليل رهندا هئا. ڪيس مسجدون ۽ مدرسا ٺهرائڻ جا گهڻا شوق هو. هن ڪيترائي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مسجدون تعمير ڪرايون ۽ کوهه کوٽايا.

حيدرآباد ۾ هڪ شاندار مسجد به تعمير ڪرايو جيڪو اڄ به مائي خيري واري مسجد سڏبندي آهي. هن مسجد سان لاڳو ڪيس هڪ ديني مدرسو به قائم ڪيو.

مائي خيري کي غريبن سان ڳڻو نهڻ ۾ ڪڏهن به پنهنجي اميري جو خيال ڪونه هوندو هو. غريب ماڻهن کي سندس وٽ اچڻ وڃڻ جي روڪ ٽوڪ ڪانه هئي. پاڻ ڏاڍي سادگي پسند هئي ۽ ڏاڍي جو هن ۾ نالو نشان به ڪونه هو.

هي نيڪوڪار بيبي ٻهرين رمضان المبارڪ سن ۱۲۷۲ هجري جي اڌ جي رات جو هن فاني دنيا مان رحلت ڪري ويئي. مائي خيري کي هالا جي پير سان خدا آباد ۾ دفنايو ويو.

سبق ۸:

# هنر دولت آهي

هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪ بيوپار رهندو هو. سندس هڪ پُٽ هو. هو پنهنجي پُٽ کي وٺي شهر آيو. شهر ۾ هڪ واڍي کي ڏٺائين ۽ ان کي چيائين ته مهرباني ڪري منهنجي پُٽ کي هنر سيکار. واڍي هن کي چيو ته منهنجو هڪ شرط آهي. آءٌ رات جو ڇوڪري کي هڪ ڪوٺي ۾ بند ڪندس. جيڪڏهن صبح تائين ڇوڪرو جيئرو هوندو ته مان هن کي پوءِ پنهنجو شاگرد ڪندس.

واڍي ڇوڪري کي ڪوٺي ۾ بند ڪري سندس امتحان ورتو. شاگرد ڪيو ۽ پنهنجو سمورو هنر هن کي سيکاريو. ڇوڪرو هنر سکي هلندو هڪ رڻ ۾ پهتو ۽ اتي اٺ جي هڏن سان جانور ٺاهي پنهنجي هنر کي آزمايو.

پوءِ ڇوڪرو هلندو هلندو هڪ بادشاهي ۾ پهتو ۽ اتي جي راڻي کي جانور ڪڍي رڙ ڪرڻ لاءِ ڏٺا. اتي جي شهزادي اعلان ڪرايو جن جو هنر هن کي پسند ايندو هن سان هو شادي ڪندي. ٺاهي جانور شهزادي کي آڻي ڏنائون. شهزادي جانور کي رڙ ڪرڻ لاءِ گهڻا حيلا ڪيا پر جانور نٿا رڙ ڪن. شهزادي کي ڇوڪري جو هنر پسند آيو ۽ ان جي شادي ٿي وئي.

سياڻن سچ چيو آهي ته:

"هنر هڪ وڏي دولت آهي."

Please visit for more data at: www.pakcity.org

سبق ۱۰:

# بين الاقوامي عدالت

فردن ۽ جماعتن جي تڪرارن جو نبيرو ته ان ملڪن جون عدالتون ڪنديون آهن، جتي اهي فرد ۽ جماعتون رهندڙ هونديون آهن. پر ملڪن جي پاڻ ۾ تڪرار هڪ عالمي عدالت نبيريندي آهي. جنهن کي انصاف جي بين الاقوامي عدالت سڏجي ٿو.

دائمي عدالت قومن جي انجمن طرفان ۱۹۲۱ع ۾ قائم ڪئي وئي. ٻئي عالمي جنگ کان پوءِ قومن جي انجمن کي ٽوڙي گڏيل قومن جو ادارو ٺاهيو ويو. جنهن وقت کان پوءِ بين الاقوامي عدالت جوڙي وئي. جنهن جو پهريون اجلاس اپريل ۽ مئي ۱۹۴۶ع ۾ ٿيو. هن عدالت ۾ پندرهن جج آهن جنهن کي جنرل اسيمبلي جو ميمبر منتخب ڪندا آهن.

بين الاقوامي عدالت اهڙن ملڪن جا ڪيس ٻڌندي آهي جنهن هن عدالت جي دستور کي قبول ڪيو هوندو آهي جيڪي گڏيل قومن جا ميمبر نه هجن پر عدالت جي دستور تي عمل ڪندا ۽ قبول ڪن ته هو پنهنجي تڪرارن جو فيصلو هن عدالت سان نبيرائي سگهندا.

Please visit for more data at: www.pakcity.org

سبق ۱۱

# اجرڪ

اجرڪ سنڌ جي ثقافت جي هڪ اهم سوکڙي ۽ سيڃاڻ آهي. عربن اجرڪ کي "ازرق" جي نالي سان سڏيو آهي ازرق جي معني آهي "نيرو رنگ". اجرڪ جي ترڇ نيرو رنگ زياده استعمال ٿيندو آهي. اجرڪ جوڙهن مختلف مرحلن مان گذري مڪمل ٿيندي آهي. هن جي مڪمل ٿيڻ تائين اٽڪل پنجويهه سو پيرا پورڪندا آهن.

اجرڪ گهڻو ڪري لاڙ وارن شهرن ۾ ٺهي ٿي جيئن نصرپور، ٽنڊو محمد خان، ڪيبر، سڪرنڊ، مٽياري، پٽ شاهه سکر وغيره ۾ ٺهي ٿي. اجرڪ جا گهڻو ڪري چار رنگ ٿيندا آهن اڇو، ڪارو، ڳاڙهو، نيرو.

اجرڪ جي زمين جو رنگ ڳاڙهو يا نيرو هوندو آهي ليڪا ۽ ڇٽ ڪارا هوندا آهن ته ورڪي ڦلڙيون اڇيون هونديون آهن.

اجرڪ سنڌ جي ثقافت جي هڪ اهم علامت آهي. اجرڪ نه رڳو سنڌ ۽ پاڪستان ۾ مقبول آهي بلڪه هن جي مقبوليت سنڌ ۽ پاڪستان جون سرحدون ٽپي ڏيساور ۾ به پهچي چڪي آهي. اجرڪ مهمانن کي تحفي طور به ڏني ويندي آهي.

www.pakcity.org

Please visit for more data at: www.pakcity.org

سبق: ١٢

# ميرن جو دربار

سنڌ ۾ جڏهن ميرن جي حڪومت هئي تڏهن مير مراد علي خان جي علاج لاءِ سن ١٨٢٧ع ۾ ميرن جي ڇانوڻيءَ ۾ هڪ انگريز عملدار ڊاڪٽر جيمس برنس کي گهرايو هو. هن پنهنجي سفرنامي ۾ ميرن جي دربار جي سونهن ۽ نزاڪت جي هن طرح تعريف ڪئي آهي.

قلعي ۾ گوڙ ڪونه هو، سانت لڳي پئي هئي. ڪيترائي سنڌي ماڻهو خوش پوشاڪ ويٺا هئا. قسمين قسمين غاليچا ۽ فرش فروش وڇايا پيا هئا. اوچتو ميرن جي خدمتگار اچي منهنجو بوٽ لاٿو ۽ پوءِ مون کي ميرن جي منجهين وٽ وٺي هليا. اُتي ڏاڍو عجيب نماءُ ڏسڻ ۾ آيو.

سيني ميرن جي پٺيان خدمتگار، جن کي تلوارون ۽ ڍالون هيون ۽ چڱي پوشاڪون پهري ويٺا هئا. جڏهن مان دربار جي صفي ۾ آيس تڏهن سڀ مير مون کي اُٿي گڏيا ۽ مير ڪرم علي خان مون کي چيو ته "توهين اسان جو خاص مهمان آهيو، هر شي توهان لاءِ موجود آهي."

سنڌ جا هي ماڪهه مير ڪيترا نه سنڌريل ۽ نيڪ خصلت ۽ صفائي سٿائي وارا هئا.

Please visit for more data at: www.pakcity.org

سبق ۱۳

# ڪينجهر ڍنڍ

ڪينجهر لفظ جي معنيٰ آهي گهٽائي. ڪينجهر ۽ سونهري جي نالن بابت هڪ مڪاني روايت آهي ته ڪينجهر هڪ مهاڻو هو ۽ سونهري سندس زال هئي.

ڪينجهر هڪ پراڻي ۽ تاريخي ڍنڍ آهي. معاشي لحاظ کان ڪينجهر مهاڻن لاءِ روزگار جو هڪ مکيه وسيلو هو. هي ڍنڍ بهترين تفريح گاهه به آهي. تفريح خاطر ايندڙ ماڻهن لاءِ ٻيڙين ۽ لانچن وغيره جو بندوبست ڪيل آهي. روزانو سوين جي تعداد ۾ ماڻهو پنهنجي ٻارن سميت ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ ٻين شهرن سان ڪينجهر ڍنڍ تي گهمڻ ايندا آهن.

هي ڍنڍ ڏاڍي خوبصورت ۽ شاداب آهي. ان جي چارو طرفان ڳوٺ ۽ وسنديون آباد آهن. هتي گهڻا ماڻهو خوشحال زندگي بسر ڪري رهيا آهن. ڪيترن ماڻهن جو گذر سفر به هن ڍنڍ تي آهي.

سنڌ جي عظيم بزرگ ۽ شاعر حضرت شاهه عبداللطيف به هن ڍنڍ جو ذڪر "سرڪاموڏ" ۾ ڪيو آهي. هن ڍنڍ جي وچ ۾ هڪ ٽڪري تي هوندڙي شاهه جي پيراندي سنڌ جي راڻي نوري ڄام تماچي جو مزار آهي گهمڻ ايندا هر ماڻهو هن جي مزار تي حاضري ڏيندا آهن.

www.pakcity.org



Please visit for more data at: www.pakcity.org

# سبق ١٤،

## سنڌي ادب جي مختصر تاريخ

سنڌي تمام قديم زبان آهي. عربن جي حڪومت جي دور ۾ قرآن مجيد جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ٿيو. سومرن جو دور اٽڪل ١٠٥٠ع کان شروع ٿيو. جنهن ۾ هر قسم جو مضمون بيان ٿيندو هو.

سومرن کان پوءِ سمن جو دور شروع ٿيو. هن دور جو اهم شاعر قاضي قاضن هو. سمن کان پوءِ ارغون، ترخان ۽ مغلن سنڌ تي حڪومت ڪئي. هن دور ۾ اسان کي سنڌي زبان جي ڪيترن ئي شاعرن جا نالا ملن ٿا. جن مان شاه عبداللطيف، شاه عبدالڪريم هڪ وڏو شاعر آهي.

١٧٠٧ع کان سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪومت شروع ٿئي ٿي. هي دور سنڌي زبان ۾ علم و ادب جي سونهري دور هو.

سن ١٧٨٣ کان ٽالپرن جو دور شروع ٿيو. هن دور ۾ جو عظيم شاعر سچل سرمست آهي. هن دور جو وڏو ٻيو شاعر سيد ثابت علي شاهه هو. هن دور ۾ ٻيا به ڪيترائي شاعر ملن ٿا. جن ۾ بخش لغاري خليفو، فتح فقير سومري جا نالا اهم آهن.

Please visit for more data at: www.pakcity.org

## سبق: ١٥

# رڌ پچاءُ

چوڪرين کي جتني بين هنرن سيکارڻ جي ضرورت آهي اتني اهاب لازمي ڳالهه آهي ته هن کي رڌ پچاءُ به سيکاريو وڃي جنهن ۾ هي ٽي خاصيتون هجن. صفائي ۽ سنڀال، وقت جي پابندي.

ڪاڌي کان پهرين ضروري ڳالهه صفائي آهي جيڪڏهن رڌڻو گندو هوندو ته ڪاڌي جو ذائقو ميرا هوندو ته ڪاڌي کائڻ وارن کي ڪراهت ٿيندي.

رڌ پچاءُ تي وڌيڪ وقت جنهن جنهن شين جي ضرورت هجي، اهي گڏ ڪري پاڻ وٽ رکڻ گهرجي. سٺي رڌ پچاءُ لاءِ ٻيون اهم ڳالهه آهي وقت جي پابندي وقت جو گهڻو خيال رکڻ گهرجي. کاڌو هميشه وقت تي تيار ڪرڻ گهرجي.

کاڌو جيترو گهرجي اوترو ئي رڌي اڳيان رکجي. جيڪڏهن کاڌو ٿورو هوندو ته توهان کي شرمندو ٿيڻو پوندو، وڌيڪ هوندو ته ضايع ٿي ويندو. سو مان ڪري رڌ پچاءُ لاءِ هن ڳالهين تي عمل ضروري آهي.

# سبق ١٦:

## ٻه ٽه ٻارهن

ارشد ۽ سليم پاڻ ۾ دوست هئا. هو پاڙيسري ۽ هڪ ڪلاسي به هئا. ارشد ميٽرڪ پاس ڪري شهر پڙهڻ لاءِ هليو ويو. ۽ سليم پيءُ سان ٻنيون سنڀالڻ لڳو. ارشد گهڻو چاهيو ته سليم وڌيڪ پڙهي پر سليم غربت ڪارڻ نه پڙهي سگهيو.

ارشد جي بدلي پنهنجي ضلعي ۾ ٿي هو ڪجهه ڏينهن بعد پنهنجي ڳوٺ ويو. پر ڌاڙيلن ڳوٺ جو سک ۽ امن ۽ خوشيون ختم ڪري ڇڏيون هيون. رات ته رات ماڻهو ڏينهن ڏٺو به گهرن سان ٻاهر نڪرڻ ۾ ڀئو محسوس ڪندا هئا.

ارشد دل ۾ پنهنجي ڳوٺ کي مڪمل تباهي سان بچائڻ جو فيصلو ڪيو. انهي سلسلي ۾ ارشد پنهنجي اعليٰ عهديدارن سان گڏ ميٽنگ ڪئي. هڪڙي ڏينهن هنن ڌاڙيلن جي چرپر جو پڪو اطلاع مليو. پوليس ۽ هٿيار بند ڳوٺاڻا اوچتو وڃي ڌاڙيلن تي ڪڙڪيا ڌاڙي ۾ وڏو سخت مقابلو ٿيو هن مقابلي ۾ هڪ ڌاڙيل مري ويو ۽ ٻيا هٿيار پيش ڪري گرفتار ٿيا. اهڙي ريت ارشد ۽ سليم رلي ملي پنهنجو ڳوٺ جو سڪون ۽ آرام واپس وٺي ويو.

www.pakcity.org

Please visit for more data at: www.pakcity.org

# سبق ١٧:

## نصرپور

نصرپور سنڌ جي جهونن، تاريخي، علمي ۽ هنري شهرن مان هڪ آهي. نصرپور مٽياري ضلعي ۾ ٽنڊي الهيار جي اتر اولهه طرف ٦، ميلن جي مفاصلي تي آباد آهي.

نصرپور سنڌ وڏي درياءَ جي ڪناري آباد آهي انڪري هن شهر جي زمين ڏاڍي آباد ۽ ذرخيز آهي. هن شهر ۾ گهڻا ڪري ڪاريگر ۽ هنرمند ماڻهو رهن ٿا. هتي جي ڏهيل ٿين جي نه رڳو سنڌ ۾ بلڪ سنڌ کان ٻاهر به ڏاڍي هاڪ آهي. ڪلهوڙن جي آخري ڏينهن ۾ مدد خان پٺاڻ سنڌ جي ٻين شهرن وانگر نصرپور ۾ به ڦرلٽ ڪري ان کي تباهه ڪري ڇڏيو. نصرپور ۾ ڪيترائي عالم ۽ شاعر ٿي گذريا آهن جن ۾ وتايو فقير، شاهه عنايت رضوي، ۽ مصري شاهه قابل ذڪر آهن.

قديم آثارن مان شهر ۾ هاڻي لڪ اڌ نشان ئي باقي بچيل آهي. پر هن وقت به هي شهر وري ترقي ڪري رهيو آهي. اڄ به نصرپور جي کيس ۽ ڪاشي مروڙ مان آهي ۽ نصرپور جا ڪيرپٽا به مشهور آهي.

## سبق ١٨

# جهڙو راڄ تهڙو پاڳ

هڪڙي بادشاهه خواب ڏٺو ته سندس سمهڻ واري ڪوٺي ۾ هڪ لومڙي پٺي ٽنگي. صبح جو بادشاهه سڀني وزيرن، اميرن ۽ نجومين کي خواب ٻڌايو پر ڪنهن به تعبير نه ٻڌائي. بادشاهه سڄي بادشاهي ۾ پڙهو گهمايو ته جيڪو خواب جي تعبير ٻڌائيندو ان کي وڏو انعام ڏنو ويندس.

هڪڙي ڪڙمي تعبير ٻڌائڻ لاءِ نڪري پيو. واٽ تي هڪ واسينگ نانگ ڪڙمي کي انعام جو اڌ ڏيڻ جي شرط تي خواب جي تعبير ٻڌائي. ڪڙمي محل مان واپس موٽيو ته ان نانگ کي انعام جو اڌ ڪونه ڏنو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ بادشاهه وري ٻيو خواب ڏٺو ته سندس محلات ۾ هڪ اگهاڙي تلوار پئي لٽڪي. ڪڙمي نانگ جي مدد سان خواب جو تعبير ٻڌائي ۽ وري به نانگ کي اڌ ڪونه ڏنو.

بادشاهه وري ٽيون ڀيرو خواب ڏٺو ته هڪ ڍڳي آهي. ڪڙمي نانگ جي مدد سان خواب جي تعبير ٻڌائي ۽ انعام حاصل ڪيو پر هاڻي ڪڙمي سڄو انعام نانگ وٽ وٺي آيو. هن ڪهاڻي ۾ اها نصيحت ملي ٿي ته اسان کي ڪنهن سان به دغابازي نه ڪرڻ گهرجي.

Please visit for more data at: www.pakcity.org

# حصو نظم

## مرڪزي خيال

### نظم ۱:

## وائي

نظم وائي جو شاعر حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي آهي. هي سنڌ جو وڏو عظيم شاعر هو. هو اسان کي هن نظم ۾ سمجهائي ٿو ته اسان جو مالڪ ۽ خالق الله آهي. شاه صاحب پنهنجي ڳالهه ڪري چوي ٿو ته سڀني جي هن اڪيلي جو وارث ۽ حضو هڪ ذات آهي. جنهن پوري جهان کي "ڪن فيڪون" چئي خلقيو آهي. هي دنيا عارضي آهي ۽ هن جي هر شي فنا آهي. هن اسان وٽ پنهنجي محبوب کي موڪليو ۽ اسان کي پنهنجي دل ۽ زبان سان اقرار ڪرڻ گهرجي ته هو اسان جو وارث آهي ۽ دنيا هن جي محتاج آهي. شاه صاحب چوي ٿو ته اسان کي هن دنيا سان دل نه لڳائڻ گهرجي ڇو ته اسان وٽ واحد صرف رب جي ذات آهي.

### نظم ۲:

## نيڪي

نظم "نيڪي" جو شاعر محمد صديق مسافر آهي هو اسان کي سمجهائي ٿو ته جنهن دل ۾ ڪرم ۽ لطف آهي ته اهو دل

[library stamp]

خدا جو گهر آ هي. جن دل ۾ نيڪي آهي ته هن سان خوب ڀلائي ڪندس پرهو بدلي ۾ هن کي ڪڏهن به ڀلائي نه ڏيندس جيڪا انسان حق پسندي گهرجي ته هن کي هميشه عاجزي سان هلڻ گهرجي چاهي ته لوڙي هلڻ ۽ انڪساري اختيار ڪرڻ الله کي ڏاڍي پسند آ هي. انهي جي ڪري الله آخرت ۾ انسان کي بلندي عطا ڪري ٿو. دنيا ۾ اچڻ جو مقصد به اهو هونته اسان جو قلب ۽ نيڪي ۽ عاجزي و انڪساري سڀ ڪجھ خدا لاءِ آهي.

# نظم ۳:

## دُعا

نظم دعا جو شاعر حڪيم فتح محمد سيوهاڻي آهي. هن نظم ۾ شاعر الله سائين کان دعا ٿو گهري ته اي الله! تون اسان جي دين ايمان کي هميشه سلامت رک، اسان کي همت و طاقت عطا ڪر اسان کي آڪين جهيڙن مان هن جي پيروي ڪرڻ جي توفيق ڏي هميشه اسلام جي جهنڊي کي جهولينديءَ رک اسلام جي ڪامي جي شان کي وڌا هن رياست جي قوم مسڪين ۽ غمگين آهي تون هن کي هر غم ۽ قرض سان آزادي عطا ڪر هن قوم کي آباد ۽ دلشاد بڻا هن جي حياتي مان خزان کي ختم ڪري بهار ڪري اسان جي دلين کي سڪون عطا فرما (آمين).



Please visit for more data at: www.pakcity.org

**نظم ۴**

# سچل سرمست جا بيت

هن نظم جو شاعر سچل سرمست پاڻ ٿي آهي هن نظم ۾ رومانوي داستان جو ذڪر ڪيل آهي. شاعر پنهنجو محبوب سان چوي ٿو ته مان تنهنجي محبت ۾ اهڙي ريت مست آهيان ته تنهنجي خاطر مون ڪي هر شي وسري وئي آهي پر تون منهنجي ڪين ۾ مرڻ مهل تائين موجود آهي. تنهنجي جدائي مون کي اڌ ڪري ڇڏيو آهي تون واپس اچ ته منهنجي جان تازو ٿي وڃي پر شاعر جڏهن وري پاڻ تي غور ڪيو ته هو چوي ٿو ته منهنجي اندر سان آواز اچي ٿو ته مان هيڏانهن هوڏانهن نه ڳولهين منهنجو محبوب ته منهنجي اندر آهي. جڏهن مان محسوس ڪيو ته منهنجو ايمان مضبوط ٿي ويو ته منهنجو محبوب منهنجو مترور ب آهي.

**نظم ۵**

# ڏيئو

نظم ڏيئو جو شاعر ڪشنچند عزيز" هڪ عظيم ۽ بلند پايه شاعر آهي. هو ڏيئي جي تعريف ڪندي چوي ٿو ته ڏيئو غريب ماڻهن جي گهرن کي روشن ڪري ۽ تاريڪي کي ختم ڪري ٿو. پنهنجي روشني سان ڪڙمين جي شب روشن ڪندو آهي ۽ سج جي غروب ٿيڻ کان پوءِ ۽ سحر تائين هر شي کي نشيمن ڪري ٿو. جيڪو پنهنجو هجي يا پرايو ڏيئو ڪنهن ۾ فرق نٿو ڪري ۽ سيني جي مدد ڪندو آهي. ڏيئو خوشي

Please visit for more data at: www.pakcity.org

Scholar

۾ ڪاميابي جي هڪ اهم علامت آهي. ڏيئو انڪساري ۽ عاجزي جو سبق ڏئي ٿو ۽ زندگي گذارڻ جو صحيح مقصد ٻڌائي ٿو جيڪو شخص ٻين لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪن ٿا اهڙا انسان امر آهي. ڏيئو جا مقصد به اهو آهي ته جو پاڻ سڙي ٻين کي روشني ڏئي ٿو.

## نظم: ٦

# ٻڌايون سڀ جو ڪو سنسار

هن نظم ۾ عبدالڪريم گدائي بيان ڪري ٿو ته انسان کي هڪ ٻئي سان نفرت ۽ حقارت نه ڪرڻ گهرجي. هڪ ٻئي لاءِ ڪينو، ساڙ ۽ ڪدورت نه پيدا ٿيڻ ڏجي. اسان جو مذهب اسلام ته پيار ۽ محبت جو مذهب آهي جيڪو ذات پات، رنگ نسل ۽ فخر ٽوڙي ورائي کان روڪي ٿو. اسان جو اسلام اخوت ۽ مساوات جو سبق ڏئي ٿو. اسان ميڪي رنگ، نسل ۽ ذات پات جا ٻين جيترا طريقا اختيار ڪيا آهن اهي صرف پنهنجي پيٽ ڀرڻ جو ذريعو آهي. شاعر صلاح ڏئي ٿو ته اچو گڏجي اسين نفرت کي ختم ڪري هن جهان کي پاڻ لاءِ سڀ جو سنسار بڻايون.

www.pakcity.org

## نظم: ٧

# پيارو وطن

هن نظم جو شاعر سليم گاڏهوي فرمائي ٿو ته هي پيارو وطن منهنجي ڪيئن جو ٿاڪو آهي. آءٌ پنهنجي وطن ۾ هن جي

Please visit for more data at: www.pakcity.org

[stamp]

# سمجهاڻيون

## نظم ۲:

## نيڪي

### بند نمبر ۱

دل

جو قلب ڪرم لطف عطا جو گهر ٿيو،
---------- خدا جو گهر ٿيو!

### حوالو نظم و شاعر

هي بند اسان جي درسي ڪتاب جي نظم نيڪي مان ورتل آهي هن جو شاعر محمد صديق مسافر آهي.

### سمجهاڻي:-

هن بند ۾ شاعر اسڙي دل جو ذڪر ڪري رهيو آهي جيڪو رحم ۽ مهرباني سان مالا مال آهي. شاعر چئيو خدا جي رضا جو گهر نيڪ ۽ لطف دل آهي شاعر جي مراد آهي ته نيڪ قلب ۾ وڏو مقصد هوندو آهي جنهن دل ۾ صرف خدا جو خوف آهي نيڪي ۽ ڪرم آهي اهو دل خدا جو گهر آهي.

### بند نمبر ۲

نيڪي

"مون سان ڪٿي ڪو به برائي تو ڪري،
---------- شال خدا وندي تري!

### سمجهاڻي:-

نظم جي هن بند ۾ شاعر چوي ٿو ته برائي جو بدلو برائي نه آهي شاعر جو مطلب آهي ته اسان کي برائي جو بدلو برائي سان نه ڏيڻ گهرجي شاعر پنهنجي ڳالهه ڪري چوي ٿو ته جيڪڏهن ڪو مون سان برائي ڪندو آهي پر منهنجا دل هن سان برائي نه ڪندو بلڪه مون هن سان نيڪي ڪندس ۽ شاعر خدا کان نيڪي جي دعا ٿو گهري.

Please visit for more data at: www.pakcity.org

**بند نمبر ٣:-** نياز ۾ نوڙت

”جي توکي مسافر از جمند ۾ گهرجي،

...... توکي بلندي گهرجي!

**سمجهاڻي:-** هن آخري رباعي ۾ شاعر چوي ٿو ته جيڪڏهن ڪهڙو شخص کي دنيا ۾ اعليٰ مقام ۽ عزت گهرجي ته هو حق ۽ سچ تي هميشه قائم رهي سڏي وڃي. اختيار ڪري پنهنجي طبيعت ۾ عاجزي پيدا ڪري ڇو ته نوڙي هلڻ ۽ عاجزي اختيار ڪرڻ الله سائين کي ڏاڍي پسند آهي ۽ الله سائين به اهڙن ماڻهن کي پسند ڪري ٿو.

# نظم ۵: ڏيئو

**بند نمبر ١** ”ڪاش گهرن کان ٻاهر روشن ڪرين ٿيو،

...... هر جاءِ نشيمن ڪرين!

**حوالو نظم و شاعر:-** هي بند اسان جي درسي ڪتاب جي نظم ”ڏيئو“ مان ورتل آهي. هن جو شاعر ”ليکراج ڪشنچند عزيز“ آهي.

**سمجهاڻي:-**

هن بند ۾ شاعر ڏيئي جي تعريف بيان ڪندي چوي ٿو ته ڏيئو غريب ماڻهن جي ڪکائن گهرن کي روشني ڪندو آهي غريبن جي جهونپڙن کي گلشن بڻائيندو آهي. سج جي غروب ٿيڻ کانپوءِ سحر تائين پنهنجي روشني سان هر جاءِ کي نشيمن ڪندو آهي.

Karachi Grammar

**بند نمبر ٢** "مزورن ۽ هارين سان همڪار آهين،
---- ڪِٿڙي نه آهي چڱائي!

**سمجهاڻي:-**

هن بند ۾ شاعر چوي ٿو ته ڏيئو مزورن ۽ هارين سان ملي محنت ڪندو آهي. هي فقيرن جي مجلس جو سينگار آهي. هو پنهنجي محفل کي ڏيئي سان روشن ڪندا آهن ڏيئي ۾ ايتري چڱائي رکيل آهي ته هو پاڻ سڙي ٻين کي سُهائي ٿو.

**بند نمبر ٣** "پري کان منجهيل جي ڪرين رهنمائي،
---- سڀ جو بڻ افروز آهين!

**سمجهاڻي:-**

هن بند ۾ چوي ٿو ته ڏيئي کان اچڻ واري هر مسافر کي پنهنجي روشني سان منزل تي پهچڻ ۾ مدد ڪندو آهي. شاعر جو چوڻ آهي ته ڏيئي ۾ سراسر چڱائي ۽ سچائي رکيل آهي. دوست هجي يا دشمن تون سڀ جي مدد ڪندو آهي ۽ پنهنجي روشني سان سيني جي شيڊ روشن ڪندو آهي.

**بند نمبر ٤:-**

مدد ڏين تو کم ڪار ۾ تون با محنت،
---- رکين ڪنهن ڏانهن ڪدورت

**سمجهاڻي:-**

هن بند ۾ شاعر چوي ٿو ته ڏيئي ۾ان اها به هڪ خوبي آهي ته هو ٻين جي ڪم ڪار ۾ مدد ڏيندو



Please visit for more data at: www.pakcity.org

آهي. پنهنجو هجي يا ٻيو هجي هنن ۾ ڪو به فرق نٿو ڪري
پاڻ ٻري پر هر ظلمت کي دور ڪري ٿو. ٻين لاءِ ڪڏهن به
پنهنجي دل ۾ ڪو حسد ۽ ڪدورت نٿو رکي ٿو.

**بند نمبر ۵:-** "سعادت جو بيشڪ تون آهين ستارو
........ پنهنجي جيوت ٻچائين

**سمجهاڻي:-**

هن بند ۾ شاعر فرمائي ٿو ته ڏيئو جي ٻرڻ سان
گهرن جي تاريڪي ختم ٿي وڃي ٿي ۽ جڏهن گهر روشن ٿيندو
آهي ته جهان سارو روشن ٿيندو آهي. ڏيئو خوشي ۽ ڪاميابي
جي هڪ اهم علامت آهي. ڏيئو انسان کي انڪساري جو سبق ڏيندو
آهي هوا تيز لڳڻ جي صورت ۾ پنهنجي لاٽ جو سر جهڪائي هو
عاجزي ۽ انڪساري سان پنهنجو جيوت ٻچائي ٿو.

**بند نمبر ۶:-** "حياتي جو مقصد سچو تو ٻڌائين،
.......... تان پتنگا ٿين تا!!

**سمجهاڻي:-**

هن بند ۾ شاعر چوي ٿو ته اي ڏيئا تون حقيقت
۾ زندگي جو صحيح مقصد ٻڌائين ٿو جيڪو ماڻهو پنهنجي زندگي
ٻين لاءِ وقف ڪن ٿا. اهي انسان امر آهن. ۽ تاريخ ۾ هميشه زنده
رهندو ۽ ڏيئو جو مقصد به اهو آهي هو پاڻ سڙي ٻين کي روشني
ڏيئي ٿو ۽ هن جي روشني مٿان تڪين پروانا قربان ٿيندا آهن.

[library stamp]

٣ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ڄائو هو. * ڪراچي * سکر * سيوهڻ

٣٥ پنهنجا فرض پورا ڪندو رهو. * ايمانداري * سچائي * بي خوفي

٣ مضمون جو مجموعو "ادبي چٻبل" چپيل آهي.

* شيخ اياز * سچل سرمست * ڪشنچند عزيز

٣ امام جعفر صادق انهي هجري ۾ ڄاول. * ٧٠ * ٨٠ * ١٤٨ * ٩٠

٤ بادشاهه سلامت ٿيون پير و خواب لڌو * ڏڳي * هرڻ * ٻڪري

٤ نصرپور جا مشهور آهن. * انب * صوف * ڪيرپڙا

٤ رڏ پچائڻ ڪاڏي پيتي جي ٿالوڪي ملي صاف ڪجي.

* چارسان * مٽي سان * صابڻ سان * صرف

٤ انگريزن جي دور ۾ هن شاعري جو رواج پيو.

* عروضي * سياسي * سماجي * اصلاحي

٤ سچل سرمست شعر چيو. * ستن ٻولين * ٻن ٻولين * چئن ۾

٤ الاهن شهرن جي ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي.

* آدمشماري * پاڻي * بجلي * هنن مان ڪوبه نه

عربن اجرڪ کي سڏيو آهي * رلي * چادر * ازرق

شاهه لطيف جو ميلو هر سال لڳندو آهي ١٤ صفر تي.

* درازن ۾ * ڀٽ شاهه ۾ * سيوهڻ ۾

ڪچ مان هڪ انگريز عملدار ڪي گهرايو ويو هو. سن:

* ١٨٢٧ع ۾ * ١٩٢٧ع ۾ * ١٩٤٧ع ۾ * ١٩٣٦ع ۾

اجرڪ جي چڙ جا ورڻ پنج آهن. * قسم * نمونا * مرحلا

قلعي ۾ گوڙ ڪا نه هو، لڳي پئي هئي:

* سانت * چپ * روشني

۵۱ سمن جي دور جو اهم شاعر هو.
* سچل سرمست * سيد ثابت علي شاهه * قاضي قاضن * شاهه لطيف

۵۲ ترار جو ڪم آهي. * خون ڪرالو * هون وهائڻ * خونريزي

۵۳ سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪومت شروع ٿي.
* ۱۷۰۱ع * ۱۷۱۳ع * ۱۷۱۹ع * ۱۷۵۵ع

۵۴ ۱۹۲۰ع ۾ خلافت ڪانفرنس هن شهر ۾ ٿي.
* ڪراچي * سکر * لاڙڪاڻي * حيدرآباد

۵۵ سليم گاڙهوي وفات ڪئي. * سکر * ڪراچي * بدين

۵۶ مقدمة الصلوٰة نالي ڪتاب لکيو هو.
* مولانا وفائي * سراج الحق * مخدوم ابوالحسن

۵۷ سيد ثابت علي شاهه چيو آهي * نوحه * مرثيه * غزل

۵۸ شاهه جو رسالو سنڌي ٻولي جو آهي * ثبوت * ڪتاب * دستاويز

۵۹ تالپرن جي دور جو عظيم شاعر هو.
* ثابت علي شاهه * سراج الحق * سچل سرمست

۶۰ اخبار جو مالڪ شيخ عبدالعزيز هو.
* عبرت * الوحيد * الحق * ڪاوش

www.pakcity.org

Please visit for more data at: www.pakcity.org

